ڊاڪٽر نور افروز خواجہ

# سائو پن يا ڪارو پنو

## (اڀياس)

مرزا قليچ بيگ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جو احوال "سائو پن يا ڪارو پنو" جي عنوان سان 1923ع ۾ لکيو. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1965ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ڪتاب مرزا صاحب پنهنجي حياتيءَ جي مختلف پهلوئن تي هڪ بردبار ۽ جرئتمند نقاد وانگر ويهي لکيو هو. پنهنجي خود نوشتہ سوانح حيات جي لکڻ جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

> "جو حال حبيبان سو پيش پريان! درويش جو تحفو آهي، سائو پَن، قليچ جي اعمال جو دفتر ڪارو ٿي چڪو؛ جنهن ڪري سندس منهن سياهہ ۽ ڏاڙهي سفيد آهي. هو هڪ عجيب احمق ٿو ڏسجي، جنهن پنهنجي سوانح ۾ پنهنجي تعريف ۽ گلا، نيڪي ۽ بدي، پنهنجي هٿ سان ويهي لکي آهي، هن پنهنجي خود نوشتہ سوانح حيات، پنهنجن دوستن جي خواهش موجب لکي آهي، جنهن کي پڙهي، خلق جي دل تہ خوش ٿيندي، پر سندس دل قتيل آهي".[1]

مرزا صاحب جي هن سوانح حيات پڙهڻ سان ان دور جا سياسي، سماجي ۽ معاشرتي حالات معلوم ٿين ٿا. هن آتم ڪهاڻيءَ ۾ سندس حياتيءَ، سندس خيالات سندس ارادن ۽ سوچن، زندگيءَ جي عملن ۽ عادتن، تعليم، تربيت ۽ تصنيفن وغيره جي باري ۾ ٻين ڪي معلومات ملي ٿي. جيئن پاڻ هڪ انگريز عالم جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

"وڏن ۽ چڱن ماڻهن جو تاريخي احوال، نهايت مفيد ۽ ڪمائتو آهي. بلڪ پاڪ ڪتابن جي مٽ آهي. چالاءِ جو انهن مان، شريفن وانگي حياتي گذارڻ، اعليٰ درجي جي خيالن ڪرڻ، پنهنجي توڙي پاڻ جهڙن ٻين انسانن جي چڱائيءَ لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ پڪي ارادي اورچائي، خود ياوريءَ ۽ خود عزتيءَ ۽ خود اعتباريءَ جي گڻن پيدا ڪرڻ جي تعليم حاصل ٿئي ٿي". [2]

مرزا صاحب جو هيءُ ڪتاب ٻارهن بابن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ باب جي ترتيب هن ريت آهي:

باب پهرئين ۾ هُن پنهنجي اصل نسل ۽ وڏن جو ذڪر ڪيو آهي، هن جو والد مرزا فريدون بيگ، اصل ۾ جارجيا جي هڪ امير خاندان مان هو. جڏهن جارجيا تي ترڪن قبضو ڪيو، تڏهن فريدون بيگ، جنهن جو پهرين نالو "سدني" هو، ننڍپڻ ۾ ئي ترڪن جو غلام ٿي، اچي عراق ۾ وڪاڻو هو. مرزا خسرو بيگ هن کي عراق مان خريد ڪري سنڌ ۾ آندو ۽ هت اچي هن کي آزاد ڪري، سندس تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ جو انتظام ڪيو ۽ پوءِ هن سان پنهنجيءَ ڌيءَ جي شادي ڪرايائين. لهاذا مرزا خسرو بيگ، مرزا صاحب جو نانو هو. هو فارسي زبان جو وڏو عالم هو، جنهن جو ذڪر مرزا صاحب تفصيل سان هن باب ۾ ڪيو آهي. انهيءَ کان علاوه هن باب ۾ مرزا صاحب جي پنهنجن سٺن ڀائرن ۽ ٻن ڀينرن جو به تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي.

هن باب ۾ مرزا صاحب پنهنجي پيدائش 4 محرم 1280هجري / 1853ع ۾ حيدرآباد ۾ ٽنڊي ٺوڙي ۾ ڄاڻائي آهي ۽ ننڍپڻ جي تعليم آخوند شفيع محمد جي مڪتب ۾ حاصل ڪئي، جتي قرآن پاڪ ۽ فارسي زبان سکيائين. ان کان پوءِ آخوند ولي محمد جي مڪتب ۾ فارسي ۾ مهارت

حاصل ڪيائين ۽ پوءِ سرڪاري اسڪول ۾ سنڌي ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪيائين. هتي مرزا صاحب کي نهايت ئي ذهين ۽ قابل استاد مليا. جن سندس شخصيت کي وڏيڪ اڀاريو هو. انهيءَ ئي عرصي ۾ هُن اتي ترڪي، مرهٽي، گجراتي، پارسي، بلوچي، براهوئي، پشتو، اردو، سنسڪرت ۽ انگريزي وغيره تقريباً ٻارهن زبانن ۾ مهارت حاصل ڪئي هئي. ان کان پوءِ الفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ مان بي-اي پاس ڪري آيو ۽ جڊيشنل امتحان پاس ڪري شڪارپور ۾ مختيارڪار مقرر ٿيو ۽ جلدي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ سينئر ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. سندس محنت، جفاڪشيءَ ۽ ايمانداريءَ جي ڪري نوڪري دوران انگريز سرڪار طرفان، "قيصر هند" جو خطاب "چاندي وارو ميڊل" به مليو. ۽ نوڪريءَ دوران ڪيس، "ميرٽ سرٽيفڪيٽ" مليو هو. مرزا صاحب اهو تفصيلي احوال پنهنجي هن ڪتاب جي باب پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين ۽ چوٿين ۾ ڏنو آهي.

هن بابن ۾ هُن پنهنجي ننڍپڻ، جواني، ابتدائي تعليم، اعليٰ تعليم ۽ نوڪريءَ دوران مختلف ماحول جو ذڪر ڪيو آهي. باب پنجين ۾ هن پنهنجي پيريءَ ۽ گوشهٔ نشينيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿو ته سرڪاري نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ پينشن وٺڻ بعد ڇهن قسمن جي مشغوليءَ هئي. پهرين ٻارن ٻچن جي پرورش ۽ تعليم. ٻي خلق جي سڌاري، فائدي ۽ مدد وٺڻ جي. خاص علم ۽ تعليم سان واسطو رکڻ. ٽين ڪتابن لکڻ ۽ شعر ٺاهڻ، چوٿين پنهنجي جان جي بهتري ۽ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ بندگيءَ جي. هن خلق جي خدمت جي باري ۾ تفصيلي احوال ڏنو آهي.

باب ڇهين ۾ مرزا صاحب پنهنجي دور جي ڪن معزز شخصيتن ۽ پنهنجن دوستن جو احوال پيش ڪيو آهي. جن ۾ هن پنهنجي پيءُ ۽ ناني جي دوستن کان سواءِ، پنهنجي اسڪول، ڪاليج ۽ نوڪريءَ واري زماني جي ساٿين ۽ دوستن ۽ استادن وغيره جو ذڪر تفصيل سان ڏنو آهي. انهن

۽ ترجمو ڪرڻ، جن ۾ مذهبي ڪتاب، مضمون، ناٽڪ ۽ ناول وغيره ڪان سواءِ شعر چوڻ، تقريرون ڪرڻ، ۽ لکڻ سندس خاص مشغلو هو. جنهن لاءِ ڪيس پين ايوارڊن ڪان سواءِ ڪمشنر صاحب طرفان سوني واچ، سرڪار طرفان پنج سئو ايڪڙ زمين ۽ پهرين جنوريءَ 1924ع تي "شمس العلماءِ" جو خطاب کين مليو.

هن ڪتاب جي باب انين، نائين ۽ ڏهين ۾ مرزا صاحب، پنهنجون عادتون، خواهشون، خيال ۽ رايا پيش ڪيا آهن جن ۾ سندس هلت چلت، عادات، اخلاق، خوراڪ، پوشاڪ، جانورن تي رحم ڪرڻ، سادگي، صبر، قناعت، توڪل، بي طمعي، نفس سان جنگ، توڪل، بي طمعي، مصيبت ۽ تڪليف جي وقت ۾ بي جي مدد ڪرڻ" زڪوات ڏيڻ، نماز پڙهڻ، خيرات ڪرڻ، هٺ ۽ غرور، تڪبر ۽ وڏائي ڪان پاسو ڪرڻ، علم ۽ ادب جو شوق، شعر چوڻ ۽ تصوف جي تفصيلي بيان ڪان سواءِ پين مذهبن تي بنا ڪنهن تعصب ۽ بغض جي ڪيترائي ڪتاب لکڻ سندس خاص مشغلو هو. هو پاڻ انهيءَ جي باري ۾ وضاحت ڪندي هيئن لکي ٿو:

> "آئون شيعو بہ آهيان، جو اسين مرزا شيعا آهيون، يعني جعفري يا اثناعشري. سُني بہ آهيان، جو سنڌ ۾ رهندي بابو سنين سان گڏ نماز بہ پڙهندو هو. آئون سيني مذهبن جو آهيان ۽ سيني مذهبن جا اصول ڄاڻان ٿو ۽ انهن تي ڪتاب بہ لکيا آهن ۽ سيني سان بنا ڪنهن تعصب جي رهندو آهيان".[4]

ان ڪان علاوه ماءُ پيءُ، پائرن ۽ پينرن، عزيزن قريبن سان محبت، اخلاق ۽ پيار سان پيش اچڻ، غريبن، يتيمن ۽ بي واهن جي مدد ڪرڻ، شڪار ڪرڻ نفس سان جنگ ڪرڻ ڪان علاوه، پنهنجي پوشاڪ وغيره جو بہ خاص خيال رکندو هو. پنهنجي علم و ادب جي شوق جي باري ۾ هو هن ريت لکي ٿو تہ:

"لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍي هوندي کان مون کي هوندو هو... جيئن علم زياده حاصل ٿيندو ويو، تيئن ڪتابن گڏ ڪرڻ جو به شوق پيدا ٿيو... اسان جي وڏن جا قيمتي ۽ عمدا ڪتاب هئا، سي مون خاص طرح پنهنجي لاءِ قابو ڪيا، بلڪ انگريزي، عربي، فارسي، اردو ۽ ترڪي ۽ ٻين ٻولين جا ڪتاب به گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ لڳس، ڪراچيءَ جي لئبريرين ۾ وڃي ڪتاب پڙهندو هوس... اڪثر علم، حڪمت، فلسفي، اخلاق ۽ مذهبن جا ڪتاب پسند ايندا آهن". (5)

مرزا صاحب پنهنجن ڪتابن لکڻ بابت پنهنجي راءِ هن ريت ڏي ٿو تہ:

" ڪتاب لکڻ جو شوق نالي يا مشهورائي يا پئسي جي فائدي لاءِ نہ هوندو آهي، خاص مطلب ٿي هوندا آهن: هڪڙو اهو جو فراغت جي وقت ۾ هڪڙي چڱي ۽ مفيد مشغولي رهندي آهي ۽ اجايو وقت نہ ويندو آهي، ۽ اجاين ڳالهين ۽ حرڪتن ڪرڻ کان بچجي ٿو، ٻيو اهو تہ ڪتابن لکڻ لاءِ بهترين چڱن ڪتابن کي غور ۽ ڌيان سان وري وري پڙهڻ جو وجهہ ملي ٿو، جنهنڪري علمي مايو زياده ٿئي ٿو، ٽيون اهو تہ چڱن ڪتابن لکڻ مان ٻين ماڻهن کي فائدي رسائڻ جو وجهہ ملي ٿو. اها بہ هڪڙي خيرات يا زڪوات آهي، ڪيتري قدر بہ پنهنجي علميت هجي تہ بہ ضرور ڪي گهٽ علميت يا واقفيت وارا ماڻهو هوندا، تن کي فائدو رسائڻ ۽ مدد ڏيڻ بہ فرض آهي". (6)

مرزا صاحب جي نظريي مطابق اهاعلم جي زڪوات آهي، جيئن مال ۽ دولت تي زڪوات واجب آهي، تيئن علم بہ هڪ سچي دولت آهي ۽ جيڪي

ڪتاب هن وٽ موجود هئا. انهن کي هو هڪ اهم خزانو سمجهي، انهيءَ جي حفاظت ڪندو رهندو هو. مرزا صاحب هميشه ڪتابن کي پنهنجو دوست، همدرد ۽ ساٿي سمجهندو هو. هو هڪڙي ئي وقت تي ٽي ڪتاب لکڻ شروع ڪندو هو. هڪ صبح جو لکندو هو، ٻيو ٻنپهرن جو ۽ ٽيون رات جو ويهي لکندو هو. ان کان سواءِ مرزا صاحب هر موقعي ۽ مناسبت آهر شعر به چوندو رهندو هو. هن هر موضوع جهڙوڪ سندس پيدائش، عادتن، جواني، پيري، پنهنجي وقت گذارڻ، مذهب، زندگيءَ جي مختلف حالتن، اڪيلائي، شادي، اولاد جي ڳڻتي ۽ فڪر، زال جي فطرت، آخرت، توبهه زاري، عبادت، الله ۽ اُن جي رسول جي حمد، نعت، مناجات وغيره. تقريباً هر موضوع تي شعر چيو آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر مثالن سان سندس ڪتاب ۾ ملي ٿو. سندس ڪلام مان هتي مثال پيش ڪجن ٿا:

**ماڻ چڱي:**

(1) "خوش دل جي رهين ته فڪر سڀ ڇڏ لاهي،
باقي جي تون ٿين ته پوءِ فنا ۾ ڪاهي،
راحت جي گهرين جڳ ۾ ته ڪر ماڻ ادا،
جو ماڻ نمونو نيستيءَ جو آهي". (7)

(2) ڏاهو سو جو دير گفتگو ۾ لائي،
بڪ بڪ جو گهڻي ڪري خطا سو کائي،
مجلس ۾ ادا تون سڪ ادب حقي ڪان،
جيسين نه پڇن، ان کي نٿو ڳالهائي. (8)

(3) اي ٻارو ٻچو! قدر سڃاڻو منهنجو،
هوندو نه هتي سدائين ٿاڻو منهنجو،
شوخيءَ سان به جيڪا آءٌ چڱائي ٿو چوانو،
احسان اهو پاڻ تي ڄاڻو منهنجو.

اُن کان پوءِ باب ٻارهين ۾ مرزا صاحب پنهنجي باري ۾ ۽ سندس ڪتب جي باري ۾، جيڪي مختلف ماڻهن جا رايا آهن، سي پيش ڪيا آهن.

انهن ۾ جي ايف گولڊ سمٿ، وامن آباجي، موڊڪ، جي مور، مرزا حيرت، وليم ورڊس ورٿ، ميجر جنرل جي ڊبليو بيول، اي. سي ميوسن، ديوان نولراءِ هيرانند، اي- ايم- ايچ فلتن، ديوان تارا چند شوقيرام، ايچ- بي- جيڪب، ڊاڪٽر گربخشاڻي، جارج شرٽ، ديوان ڏيارام گدومل، اردلي مارٽن، آرجائلس، ايچ-ايم- جيمس، اي جائلس، ڊبليو- اين- جي- رائيٽ وغيره کان علاوه ’نيو ٽائمس‘ اخبار، ’الحق‘ اخبار ۽ ’الحقيقت‘ اخبار وغيره جا حوالا به پيش ڪيل آهن ۽ آخر ۾ مرزا صاحب جي مضمونن، ڪتابن، تحريرن، تقريرن ۽ پريسن وغيره کان سواءِ مرزا صاحب جي ڊائري يا روزنامچي جو انتخاب به ڏنو ويو آهي. مرزا صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ انگريزي ۽ ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيل ڪتابن جي فهرست، انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتابن، مذهب، فلسفي ۽ اخلاقيات جي موضوعن تي سنڌيءَ ۾ سندس لکيل ڪتاب ناٽڪ مثلاً: خورشيد، نورجهان، نادر شاهه، شڪنتلا ۽ بڪاولي وغيره ۽ سندس لکيل قصا ۽ ناول مثلاً: زينت، راحيل، شيطان جي ناني، عجيب الماس ۽ وامق ۽ عذرا وغيره ۽ علمي، ادبي ۽ تنقيدي ڪتاب مثلاً: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي شعر جي تاريخ، شاهه ڀٽائيءَ جو احوال، ديوان گل، ثابت علي شاهه جو احوال، شاهه جو رسالو، سنڌي گرامر، علم نحو، علم بديع، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي، قديم سنڌ وغيره کان سواءِ زناني تعليم تي ڪتاب، پردي جي پابندي ختم ڪرڻ تي ڪتاب، شعر جا ڪتاب ۽ متفرق موضوعن ۽ مضمونن تي ڪتابن جي لسٽ شامل ملي ٿي. انهيءَ کان علاوه مرزا صاحب جا ڪيترائي نصيحت آموز نڪتا به هن ڪتاب مان ملن ٿا، مثلاً: جيئن هو لکي ٿو ته:

(1) "وڏو ماڻهو اهو آهه، جنهن ۾ گهڻو ماڻهپو هجي، جنهن ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو ڪونهي، تنهن کي فقط ماڻهو سڏڻ به غلط آهي، وڏ ماڻهپي ته پري ٿي".[9]

(2) "اِنسان اهو آهي، جنهن ۾ انسانيت هجي، نہ تہ اهو فقط عام ساهوارو يا ٻہ پيرو جانور ٿيو".[10]

حاصل مطلب تہ مرزا صاحب جي هن سڄي دور ۾ سنڌي ماڻهن جو نون نون علمن سان واهپو ٿيو. انگريزي ادب جي اڀياس ۾ قومي امنگ پيدا ڪئي. ماڻهن کي پنهنجي ڪمزورين جو احساس ٿيو. هن دور ۾ دنيا جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون بگڙيون، جن برصغير جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون بگڙيون، جن برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ کي بہ متاثر ڪيو. اسان کي مرزا صاحب جي هن ڪتاب، "سائو پن يا ڪارو پنو" مان ئي سندس دور جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ تعليمي ماحول جو تفصيلي احوال ملي ٿو.

## حوالا


1- مرزا اجمل بيگ: تمهيد؛ سائو پن يا ڪارو پنو، حيدرآباد سنڌ ادبي بورڊ، 1965ع، ص - 12.

2- ايضاً - ص - 14.

3- ايضاً - ص - 78.

4- ايضاً - ص - 96.

5- ايضاً - ص - 121.

6- ايضاً - ص - 123.

7- ايضاً - ص - 174.

8- ايضاً - ص - 171.

9- ايضاً - ص - 15.

10- ايضاً - ص - 15.